هدايت پريم

سنڌي ٻوليءَ جو اترادي لهجو

سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي. جنهن جون پاڙون تاريخي طور سنڌ ڌرتي ۾ کتل آهن. ۽ تهذيبي اعتبار کان سنڌو سڀيتا سان واڳيل آهي. سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي مڙني مکيہ ٻولين مان هڪ اهم ٻولي آهي. اڪثر عالمن سنڌس اصل نسل هند يورپي ٻولين جي خاندان ۽ انڊڪ گروه ۾ ڏيکاريو آهي. هند يورپي خاندان جون ٽي شاخون آهن. 1- يورپي 2- ايراني 3- هندي. هندي شاخ ۾ بنگالي، آسامي، هندي، اردو، مرهٽي، گجراتي ۽ سنگلي زبانون اچي وڃن ٿيون. سنڌي، پنجابي، ملتاني ۽ ڪشميري زبانون وري انهي آريائي زبان مان نڪتل ڏسجن ٿيون جا ايراني ۽ هندي خاندان جي وچ واري ڪڙي هئي. اسان انهن جي خاندان کي سنڌو خاندان سڏي سگهون ٿا. (1) سنڌو خاندان کي اڪثر ماهرين لسانيات انڊڪ Indic ڪري ٻڌ لکيو آهي.

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي هڪ وسيع علائقي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ واري هندو آبادي لڏي وڃي، هندستان جي مختلف علائقن ۾ آباد ٿي. پاڪستان جي صوبي سنڌ، بلوچستان، سبي ۽ لسٻيلي، پنجاب جي ماڇڪي ۽ پارت جي ڪڇ ڪاٺياواڙ، گجرات جي سرحدي حصن ۾ سنڌي ڳالهائڻ وارا موجود آهن. "سنڌ" ئي هن ٻوليءَ جي Man Land خاص خطو، مادر وطن آهي. وڏي وسيع ايراضيءَ ۾ عام وهنوار ۽ سماجي ضرورت لاءِ سنڌي ٻولي ڪم اچي رهي آهي. تنهنڪري جاگرافيائي اعتبار کان سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لهجا/ محاورا./ اپيلشائون/ Dialects آهن. جن جي، لساني ڇنڊڇاڻ ڪجهه قدر ٿي چڪي آهي. پر اڃا گهڻو ڪم رهيل آهي.

ٻوليءَ ۽ لهجي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ۽ مختلف محاورن، لهجن جو ٻوليءَ

سان کھڙو تعلق آهي ۽ محاورن، لهجن ۾ موجود، صوتي، صرفي، نحوياتي فرق کھڙي اهميت رکي ٿو. يا مختلف لهجن ۽ محاورن جي حيثيت کھڙي ريت متعين ڪرڻ گھرجي. اهڙن سوالن جا جواب جاچڻ لاءِ لسانيات جي شاخ لساني جاگرافي يا Dialectology جا مکيہ اصول ڪارآمد ثابت ٿي سگھن ٿا. محاورا/ لهجا، ٻوليءَ جي اپيلس ۾ هڪ اهم جاءِ والارين ٿا. پروفيسر علي نواز جتوئي هن موضوع تي لکي ٿو:-

هر زبان کي هڪ ملڪ ٿيندو آهي. جنهنجي گھٽ يا وڌ ايراضي ٿيندي آهي. انهيءَ ايراضيءَ اندر هڪ ئي زبان ۾ مختلف محاورا جدا جدا ڀاڱن ۾ موجود هوندا آهن. جن مان هرهڪ کي اتان جي "مقامي ٻولي" Dialect سڏبو آهي. باريڪبينيءَ سان ڏٺو وڃي تہ هر سخص جي ٻوليءَ جو طريقو بلڪل پنهنجو ۽ نرالو هوندو آهي. ان کي ذاتي زبان Idiolect چئي سگھجي ٿو. مگر اها آواز، صرفي ۽ نحوي نگاه کان ٻين جي ذاتي زبان کان نرالي نہ هوندي آهي. جيڪي انهي جا بازيسري، ڪوناتي، شهري يا ويجهڙائيءَ وارا هوندا آهن. سچ پچ تہ زبان نہ رڳو هڪ شخص کان ٻئي شخص تائين بدلجي ٿي پر هر طبقي کان ٻئي طبقي تائين ڦري ٿي. جنهن حد تائين اتان جي رهاڪن جي ٻولي بنا ڦير ڦار جي چالو هجي. انهيءَ حد تائين ٻوليءَ جو هڪ محاورو سڏبو. جنهن حد کان ٻوليءَ ۾ ڪجهہ ڦيرو معلوم ٿئي. انهيءَ حد کان ٻوليءَ جو ٻيو محاورو سڏبو. اٿين هر ٻوليءَ جا ٻہ يا ٻن کان مٿي محاورا هوندا آهن. جن کي مقامي محاورا ۽ اپڀاشائون سڏبو آهي. انهن مقامي ٻولين ٻولين مان هڪ ٻولي، جا علم ادب جي لحاظ کان ٻين مقامي ٻولين تي ڇانئجي ويندي آهي. ۽ جنهن کي ٻڙهيل طبقو عام طرح سان استعمال ڪندو آهي. تنهن کي معياري زبان (Standard Dialect) سڏبو آهي. روايتي طور ۽ رسمي طرح تختگاهہ جي ٻڙهيل ماڻهن جي زبان کي معياري زبان جو نمائندو سڏيو وڃي ٿو ۽ ٻورڙن ماڻهن جي ٻوليءَ کي ننڍي ٻولي سڏيو وڃي ٿو. سنڌي زبان ۾ وچولي واري سنڌي معياري زبان آهي ۽ باقي ٻيون سڀ ٻوليون، اترادي، لاڙي، ٿري، لاسي، ڪوهستاني ۽ ڪڇي وغيره مقامي ٻوليون آهن. (2)

بلومفيلڊ لکيو آهي:

جديد لسانيات ٻوليءَ جي مقامي تفاوتن کي وڏي اهميت ڏني آهي. تحقيق مان ثابت ٿيو آهي تہ مقامي ننڍين ٻولين جا آواز ۽ صرفي نمونا زبان جي ڪنهن پراڻي دور سان لاڳاپيل هوندا آهن. ۽ سندن سٽا جا ڪيترائي روپ ٻين ٻولين جي روپن سان گڏ مس ٿيڻ سببان بدلجي چڪا هوندا آهن. (3)

هر ٻولي ۾ علائقائي فرق ضرور موجود آهي. ان فرق جي بنياد تي ئي لهجن / محاورن جي حيثيت متعين ڪئي وڃي ٿي. پر جيڪڏهن فرق سٽاءَ ساخت جي لحاظ کان بنيادي آهي تہ اها ٻوليءَ ئي ٿي هوندي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو:-

ڪي ٻوليون اهڙيون آهن جيڪي مختلف ملڪن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. ڪي وري اهڙيون آهن جيڪي فقط هڪ ملڪ ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. ڪي وري قبيلن ۽ گروهن جون ٻوليون آهن. جيڪا ٻولي مختلف ملڪن يا هڪ ئي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي ان ۾ علائقن جي لحاظ کان ٿورو گهڻو فرق ٿئي ٿو. ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۾ سٽا ۽ ساخت جي لحاظ کان بنيادي فرق هوندو تہ اها جدا ٻولي ليکي ويندي. ساڳي ٻوليءَ جي جدا جدا علائقن جي مقامي لهجي کي انگريزيءَ ۾ Dialect جنهن کي اسان لهجا. محاورا. يا اپڀاشائون جوندا آهيون.(4)

ٻولي ۽ محاوري/ لهجي Dialect ۾ ڪهڙو فرق آهي. ان سلسلي ۾ ٻوپٽي هيرانندائيءَ جا خيال پيش ڪجن ٿا:-

ٻولين جي جاچ ڀڙتال ڪندڙ ماڻهو چون ٿا تہ ٻوليءَ جا ٽي قسم آهن؛

1- ڀاشا- اها ٻولي جنهن کي پڙهيل ماڻهن ڪهڙيو مڃيو آهي .(Standard Language)

2- وڀاشا- اها ٻولي جا هڪ گهيري ۾ رهندڙ رواجي ماڻهو ڳالهائين ٿا .(Dialect)

3- ٻولي- اها ٻولي جا گهر جا ڀاتي گهرن ۾ ڳالهائين ٿا. گهر ۾ بنا ڪنهن سجاوٽ. ملاوٽ يا بناوٽ جي ڳالهايون ٿا. ان ۾ ڍونگ يا ڏيکاءُ نہ آهي (Idiolect).

وڀاشا کي انگريزي ۾ Dialect هندي ۾ اپڀاشا جڀبو آهي. اهڙي ٻولي

ڏرتيءَ جي هڪ وڏي گهيري ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ڪم اچي ٿي..

ڀاشا. وڀاشا ٿي آهي. پر اها پڙهيل لکيل ماڻهن جي هٿ ۾ اچي تمام ڀڪي ڀختي ۽ ڀاائر ٿيل ڀشجي ٿي. پوءِ وڀاشائون ان کي پنهنجي راڻي ڪري ميڃين ٿيون. جدا جدا وڀاشا ڳالهائيندڙ ان ٿي ڀاشا ۾ پستڪ لکڻ. پتر لکڻ يا راشٽر جو ڪاروبار هلائڻ جو ڀتن ڪن ٿا. سنڌ ۾ حيدرآبادي سنڌي "ڀاشا" ٿي ڪتب ايندي آهي. سنڌي ڀاشا جو ڪيتر سچوڻي سنڌ ڀرڪٽو هو. شڪارپوري، سرائڪي، لاڙڪاڻائي وغيره وڀاسائون آهن. جي جدا جدا ضلعن ۾ ڪتب ايندڀون هيون. وڀاشا جي حد جاگرافي مقرر ڪري ٿي. پر ڀاشا جي حد سڀيتا. سنسڪرتي ۽ ڀاوناڻون مقرر ڪن ٿيون. مرهٽي ٻوليءَ ۾ ٻن ڪوڪني. رتناگري يا برابري وڀاسائون آهن. پر انهن جي ڀاشا ٻوني واري وڀاشا آهي. مرهٽي. ڀاشا کي سڄو مهاراشٽر ڪيتر آهي. ٻر ٻين وڀاشائن کي ٻنهنجو مقرر ٿيل ننڍو ڪيتر آهي.

وڀاشا ۽ ڀاشا جو ٻانُ ۾ گهرو سٻنڌ آهي. جاڪاڻ تہ وڀاشا کي ٿي اڳتي هلي ڀاشا جو ٻد ملي ٿو. هنديءَ ۾ برج ڀاشا. راجستاني. اوڌي. بهاري وغيره روپ آهن. سڀني کي هندي ٿي ڪري ٻڪاريو. ٻر اهي راشٽر ڀاشا هنديءَ کان ڪجهہ قدر ڦريل آهن.

وڀاشا کي ڀاشا جو ٻد هيٺين سڀن ڪري ملندو آهي:-

(1) راج درٻار طرفان فرمان جاري ڪري ڪنهن وڀاشا کي ڀاشا مقرر ڪيو وڃي يا راجڌانيءَ جي وڀاشا ۾ راج ڪاروبار هلائڻ ڪري اها ڀاشا ٻڻجي وڃي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن. ڪنهن خاص وڀاشا ۾ ڳالهائڻ وڏ ماڻهڀ ليکي ويندي آهي. رفتہ رفتہ اها ڀاشا ٻڻجي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن جاٻلوسي ڪندي يا ٻنهنجو مطلب سڌ ڪرڻ ۽ کي عملدار راجا کي پسند ايندڙ ٻولي ڪتب آڻيندا آهن. جي مغلن جي راڄ ۾ يا ميرن جي صاحبيءَ ۾ ماڻهو فارسي ڪتب آڻيندا هئا. ڪڏهن وري جيتيندڙ جي ڌٻ وڃان ماڻهو ان دواران قائم ڪيل ٻوليءَ کي تسليم ڪندا آهن.

(2) ڪنهن وڀاشا ۾ گهڻا پستڪ رچيا ويندا آهن. يا ڪو اهڙو پستڪ ليکيو ويندو آهي جو لوڪ ٻريہ ٿي ويندو آهي تہ اها وڀاشا ڀاشا جو ٻد ماڻيندي

آهي. جيئن ڪجهہ وقت اڳ ۾ سورداس جي پدن ڪري برج ڀاشا ڪنهن وقت ڀاشا سڏجڻ ۾ ايندي هئي.

(3) جنهن ٻوليءَ جا ماڻهو ٻين مٿان ڌاڪ ڄمائين، انهن جي ٻولي اڳتي هلي ڀاشا بڻجي ويندي آهي. سنڌ ۾ حيدرآبادين مان ڪي ميرن جا ديوان بڻيا هئا، جنهن ڪري انهن جي عقل ڪي مڃي، انهن جي ٻوليءَ کي ڀاشا ڪري مڃيو ويو.

(4) اڳين زماني ۾ ڪي ڌرم جا وڏا ڪنهن ٻوليءَ کي زور وٺائيندا هئا. روم جي پادرين اٽالين ٻوليءَ کي ڏاڍو زور وٺايو. جنهن ڪري اها ڀاشا بڻجي پئي.

مطلب اهوئي آهي تہ ڀاشا هڪ قسم جي ٻرمائڪ ٻولي Standard Language آهي جنهن کي ساڳي علائقي يا قوم جا ماڻهو سامتڪ ٻولي سمجهي ان ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ راڄ ڪاروبار جو ڪم هلائين ٿا. (5)

اترادي ٻوليءَ جون حدون ۽ اهميت:

سنڌي زبان جي لهجن تي جاگرافيائي حد بندين جي لحاظ کان نالا رکيل آهن؛ اهو لهجو جيڪو اتر سنڌ يعني سري واريءَ ايراضيءَ ۾ ڳالهائبو آهي، تنهن کي سرائڪي لهجو سڏيو ويو ۽ اهو لهجو جيڪو لاڙ ۾ مروج آهي تنهن تي لاڙي لهجو نالو رکيو ويو. (6)

پيرومل مهرچند آڏواڻي صاحب لکي ٿو؛ سر معنيٰ مٿو، ۽ سرو معنيٰ مٿ يا مٿيون پاڳو. سنڌ جو اتر وارو پاسو، سنڌ جو توڙي سنڌونديءَ جي وهڪ جو مٿيون پاڳو آهي. انهن ٻنهي سببن ڪري اهو سرو سڏجي ٿو. ٻوليءَ جي مطلب لاءِ ٺلهي ليکي چئبو تہ خيرپور رياست کان وٺي ويندي اباوڙي تعلقي جي چيڙي تائين ۽ سيوهڻ دادوءَ کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو توڙي شهدادڪوٽ ۽ جيڪب آباد وارو پاسو ڪشمور تعلقي جي چيڙي تائين "سرو" آهي ۽ اتي جي ٻولي 'سريلي' سڏجي ٿي. (7)

موجوده تحريري محاوري Standard Dialect کي جن سياسي مجبورين ۽ اتفاقي حالتن جنم ڏنو، تن جو ذڪر هن ريت ڪري سگهجي ٿو تہ اقتدار جي واڳ جڏهن ٽالپور اميرن جي هٿن مان کسجي ويئي ۽ سنڌ ۾ برطانوي راڄ قائم ٿي ويو تڏهن حيدرآباد ۽ گرد و نواح کي سياسي طور مرڪزي حيثيت حاصل ٿي ۽ سن

1853ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ درسي ڪتابن جي ضرورت محسوس ڪئي. تڏهن اهو ڪم حيدرآباد جي ٻرهيل ڳرهيل مائهن جي سپرد ڪيو ويو. هاڻي سوال آهي تہ ان زماني ۾ جيڪڏهن انگريزن جي سياسي قوت جو مرڪز خيرپور يا سکر هجي ها تہ ڇا پوءِ حيدرآباد جي عالمن کان درسي ڪتاب لکرائجن ها! ظاهر آهي تہ اهو ڪم پوءِ خيرپور يا سکر جي دانشورن کان ئي ورتو وڃي ها. ۽ اترادي محاورو ئي معياري درجو مائي ها! (8)

شيخ محمد فاضل لکي ٿو: لسانيات جي ڪن ماهرن اترادي محاوري کي "سريلي" ٻولي سڏيو آهي. جو تہ اها ٻولي سنڌ جي ان طبعي ڀاڱي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جنهن کي "سرو" ڪونجي ٿو. اها ڳالهہ ڪنهن حد تائين ڪٿي تسليم ڪبي. ٻر سري جي حدن کي اترادي محاوري جون سرحدون سمجهڻ ڪنهن بہ حالت ۾ درست نہ آهي. ڪنهن بہ خطي جي "طبعي جاگرافي" ۽ "لساني جاگرافي" ۾ صد في صد مطابقت اتفاقي تہ ٿي سگهي ٿي پر عمومي طور تي ائين نہ آهي. (9)

شيخ محمد فاضل ڀيرومل جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:- ڀيرومل آڏواڻي "سري" جي ٻولي جون حدون ٻڌائيندي چوي ٿو تہ "ٻولي جي مطلب لاءِ ٿلهي ليکي چئبو تہ خيرپور رياست (موجوده خيرپور ضلعو) کان وٺي اٻاوڙي تعلقي تائين ۽ سيوهڻ. دادو کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو توڙي شهدادڪوٽ (لاڙڪاڻو ضلع) ۽ جيڪب آباد وارو ڀاڱو ڪشمور تعلقي جي حِدن تائين "سرو" آهي ۽ اتي جي ٻولي "سريلي" آهي.

اترادي محاوري جي جاگرافيءَ جي گهري مطالعي کان پوءِ ڀيرومل جي راءِ کي رڳو "ٿلهي ليکي" ئي قبول ڪري سگهبو ڇو تہ خيرپور ضلعي جي اوڀر واري وسيع ايراضي توڙي روهڙي. ميرپور ماٿيلي ۽ اٻاوڙي تعلقن جي اڀرندي طرف واري وڏي پٽيءَ ۾ سنڌيءَ جون سنڌون سڏو ٿري محاورو ڳالهايو وڃي ٿو. ٻئي طرف جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اولهندي پاسي بلوچستان جي شورڻ ۽ سبي واري علائقي ۾ بہ اترادي محاورو رائج آهي. اٻاوڙي تعلقي ۾ اتر ۾ وري ماڇڪي جي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي. اتان جي ٻوليءَ کي "سرائڪي- سنڌي" تہ سڏي سگهجي

ٿو ير ان کي اترادي ٻولي يا سيرلي ٻوليءَ ۾ شمار ڪري نہ سگھبو. (10)

ڀيرو مل جي لکڻ موجب سيوهڻ ۽ دادو سريلي ٻوليءَ ۾ شامل آهن. پر ٻاڻ ٽي اڳتي هلي دادو تعلقي کي وچولي ٻوليءَ ۾ شمار ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي تہ سري ۽ لاڙ جي وچ وارو ڀاڱو "وچولو" سڏجي ٿو جنهن جون حدون ڪنڊياري ۽ دادو تعلقن جا اتر واري ڀاڱي کان وٺي هيٺ ڪوٽڙيءَ تائين آهن. اهو سنڌ جو وچولو يعني وچ وارو ڀاڱو آهي. ۽ اتي جي ٻولي "وچولي" ڪوٺجي ٿي.

حقيقت ۾ ٻوليءَ جي محاورن جون سرحدون متعين ڪرڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي. جيستائين ٻوليءَ جي سڀني محاورن جو تفصيلي مطالعو نہ ڪبو. تيستائين ڪنهن هڪ محاوري جي پکيڙ ۽ ايراضيءَ متعلق وثوق سان ڪجھ چئي نہ سگھبو. بس ائين ڪئي چئجي تہ "اترادي محاورو" لاڙڪاڻي. شڪارپور. جيڪب آباد. سکر ۽ خيرپور ضلعن تي پکڙيل آهي. البتہ آهي ايراضيون جي بلوچستان. پنجاب ۽ هندستان سان بلڪل متصل آهن تن ۾ سنڌ ن قريبي علائقي وارين ٻولين جو اثر آهي. جنهن ڪري اتي ڳالهايل ٻولين کي نج اترادي محاورو سڏي نہ سگھبو. (11)

سنڌي ٻوليءَ جي لهجن/ محاورن تي سڀ کان پهريائين ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي گرامر ۾ روشني وڌي آهي. هو صاحب لکي ٿو:

سنڌي جيڪا سنڌ جي حدن اندر ڳالهائي ويندي آهي. تنهن جا ٽي مکيہ لهجا آهن. گرامري لحاظ کان ٽنهي ۾ ٿورو فرق آهي. پر اچارن ۾ ڪافي فرق اٿن. زيرين سنڌ جو علائقو سامونڊي ڪنارو ۽ ڊيلٽا وارو آهي. اتي جي لهجي کي لاڙي چيو وڃي ٿو. "لاڙ" لفظ اسم خاص نہ آهي. لاڙ يعني لهنواري زمين. "سرو" لفظ ٻن ساڳي ريت ملڪ جي مٿاهين علائقي کي سڏجي ٿو. حيدرآباد جي اتر واري علائقي يعني اپر سنڌ جي لهجي کي سرائڪي يعني سري وارو چئجي ٿو. سنڌ جي "ٿر" يعني بيابان واري علائقي ۾ "ٿاريلي" لهجو رائج آهي.

لاڙ وارو لهجو جيڪو تقريباً سموري لاڙ ۾ مستعمل آهي. اهو نج محاورو نہ آهي. "سر" جي گهڻتائي اٿس تہ وينجن بہ سنڌيءَ ۾ عمل سان تبديل ٿيل آهن. اترادي لهجي. (سري واري) اصليت برقرار رکي آهي ۽ اچار ٻن نج ۽ نبار اٿس. ۽ ڏکڻ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ۾ وڌيڪ جهجهائي ٻڻ اٿس. اهڙي برتريءَ

سبب اترادين لاڙيـن لاءِ هي محاورو گهڙيو ويو آهي، لاڙ جو پڙهيو سو سري جو ڏڳو. (12)

سر جارج ابراهم گريئرسن سنڌي ٻوليءَ تي نهايت اهم ڪم ڪيو آهي. جيڪو لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جي جلد ائين جي ٻهرين حصي ۾ شامل آهي. ٽرمپ جي مٿين راءِ کيس معلوم هئي، ان جي باوجود به گريئرسن اترادي لهجي کي بطور هڪ لهجو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. سندس راءِ آهي:

سنڌي ٻوليءَ جا ڇهه ڇاتل سڃاتل لهجا آهن:- وچولي، سرائڪي، لاسي، لاڙي، ٿريلي ۽ ڪڇي. ٻهريون يعني وچولي سنڌ جي وچين علائقي ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هي معياري لهجو آهي ۽ ادب تحرير ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. سرائڪي وچولي لهجي جو ئي هڪ نمونو آهي، ۽ حقيقي طور لهجو نه آهي. صرف اچارن جو فرق آهي، جيڪي سرائڪي ۾ تمام ڇنائي سان اچاريا وڃن ٿا. ۽ لفظي ذخيره ۾ ڀڻ ٿوروئي فرق آهي. سنڌ ۾ "سرو" لفظ جي معنيٰ آهي "مٿو" ۽ سرائڪي معنيٰ مٿاهون، يا لاڙ لوئر سنڌ جي اتران. سنڌين پاران سرائڪي (اترادي) ٻوليءَ جو نج نبار نمونو تصور ڪيو وڃي ٿو.

ياد رکڻ گهرجي ته "سرو" نالو يعني مٿاهون ملڪ هڪ نسبتي اصطلاح آهي جيڪو مقامي طور مختلف معنائون رکي ٿو. جيئن ٿي سنڌو ندي جي هيٺاهين طرف هجبو اوترو ئي "سرو" علائقو وڏو هوندو. يعني ته اهڙي طرح لاڙ وارن لاءِ سرو يعني وچولو سنڌ ۽ اتر سنڌ جا سمورا علائقا ان ۾ اچي ٿا وڃن. (13)

ٽرمپ پنهنجي گرامر ۾ بيان ڪيو آهي ته اپر سنڌ ۾ هڪ نمايان لهجو "سرائڪي" ڳالهايو ويندو آهي، پر مون کي مليل نمونن مان اهو ثابت ڪو نه ٿو ٿئي. مثال طور آءٌ حوالي طور خيرپور مان مليل نمونو پيش ڪريان ٿو. خيرپور جيڪا جاگرافيائي طور سري ۾ وچ ۾ آهي. اتان جي ٻولي حيدرآباد جي معياريءَ کان ڪنهن طرح به مختلف ڪو نه آهي. شڪارپور ۽ اپر سنڌ فرنٽيئر (جيڪب آباد) مان مليل ٻوليءَ جو ڪو به لهجو نه آهي. اهو لهندا ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي جيڪو سموري سنڌ ۾ رائج آهي ۽ خصوصي طرح اپر سنڌ ۾ 'جت' قوم جا ماڻهو ۽ ٻيا بلوچ جهڙوڪ رند، لغاري، عباسي ڳالهائيندا آهن. (14).

اڳتي هلي گريئرسن جوي ٿو:- اپر سنڌ جي سنڌيءَ ۾ تمام ٿوريون خصوصيتون ڏٺيون ويون. اهڙو ڪو بہ بنياد ڪونهي جو ان کي خودمختيار لهجو قرار ڏئي سگهجي. دراصل اهي خصوصيتون بلڪل ئي غير اهم آهن. جن جو تعلق اچارن ۽ لفظن جي استعمال سان آهي. جيڪي بين هنڌن تي رائج آهن. اهڙيون خصوصيتون. مليل نمونن ۾ اٿلڪيون ڏٺيون ويون. (15)

سنڌيءَ ۾ "سِرُ" معنيٰ مٿو. جنهن مان لفظ "سرو" يا سنڌ جو مٿيون علائقو. سمجهو تہ نارٿ فرنٽيئر (جيڪب آباد) کان هيٺ 27 ڊگري تائين. لاڙڪاڻي ۽ سيوهڻ جي وچ تائين جو علائقو اچي وڃي ٿو. وري ان مان "سرائڪي" صفت ٺهي، جنهن جي معنيٰ آهي اهـا ٻولي جنهن جو تعلق سري سان يا اپر سنڌ سان هجي. (16)

لوڪ ڪهاڻي تي مشتمل هڪ نمونو خيرپور جو ڏجي ٿو. تنهن جي ٻولي ڏنل گرامر موجب آهي. صرف هيٺيون بيقاعدگيون ڏٺيون ويون:- "جيو" لفظ ٻين هنڌ "جَيو" لکيو ويندو آهي ۽ هت "جِيو" لکيو ويو آهي. ضميري ٻجاري "آن" ۽ "اين" بہ "آن" ۽ "اِن" ڪري لکيو ويو آهي. فعل "ٻڌڻ" مان "ٻڌائڻ" لفظ بہ قاعده موجب ڪو نہ آهي. "ٻڌائڻ" بجاءِ "ٻڌائِڻ" لکيو ويو آهي. (17)

گريئرسن اترادي کي مڪمل لهجو نہ ٿو سمجهي ان لاءِ هي دليل ڏنا اٿس:-

جيستائين سرائڪي سنڌي (اترادي) جو تعلق آهي. تہ ان جي ڳوڙهي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو وچولي کان صرف چنائي وارن اچارن جي ڪري چند لفظن ۾ فرق هئڻ جي ڪري مختلف آهي. تنهن ڪري ان کي ڌار مڪمل لهجي Dialect جي قابل نہ ٿو سمجهجي. ان لاءِ مون سنڌي سرائڪي (اترادي) کي وچولي لهجو جو ئي هڪ نمونو ڪري پيش ڪيو آهي. (18)

گريئرسن صاحب جي خيرپور رياست مان مليل سنڌي ٻوليءَ جي نموني کي غور سان پڙهڻ بعد معلوم ٿيندو ۽ هيءُ لکت سنڌيءَ جي معياري لهجي جي آهي ۽ نہ خيرپور جي. هن نموني ۾ هي جملا لکيل آهن:

1- آءُ بندوبست ڪريان ٿو.

2- مون کي ڪم تمام گهڻو ٿيو آهي ۽ آءٌ هڪڙو پورو ڪري نٿو سگهان.

3- بادشاه جي حڪم موجب توکي نائب قاضي مقرر ڪريان ٿو.

4- بادشاهہ جو ارادو آهي تہ توکي وڏو عهدو ڏئي.

5- توکي چڱي نوڪري ملندي ۽ آءٌ نائب قاضي ٻيو مقرر ڪندس.

مٿين جملن ۾ "آءٌ، ڪريان، ۽ ڏئي" خيرپور رياست ۾ ڪٿي ٻہ ڪم ۽ ايندا آهن. خيرپور ۽ مٿين سنڌ سموريءَ ۾ "آءٌ" جي جاءِ تي "مان" ۽ "ڪريان" جي جاءِ "ڪيان" لفظ ڪم ايندا آهن. "ڏئي" لفظ ٻن لاڙ ۽ وچوليءَ جو لفظ آهي. اتر ۾ "ڏي" لفظ ڪم ايندو آهي. افسوس تہ گريئرسن صاحب کي سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻي مان ڪو بہ اترادي لهجي جو نمونو نہ ملي سگهيو. حالانڪہ اترادي لهجو پنهنجي حدود اربعہ جي ڪري هڪ وڏي وسيع علائقي ۾ سالها سالن کان رائج آهي. اتر جي عظيم شاعر حضرت سچل سائين جي ڪلام مان ٿي پڌرو پٽ آهي تہ اترادي لهجو پنهنجون خاص خصوصيتون رکي ٿو. جن جي بناءِ تي چئي سگهجي ٿو تہ اترادي هڪ انفرادي ۽ مڪمل طور تي هڪ لهجو / محاورو Dialect آهي. جنهن کي پنهنجا نندا محاورا ٻن آهن جهڙوڪ شڪارپوري، ماتيلي اباوڙي جي ٻولي. سبيءَ جا محاورا لاڙڪاڻائي، ساکرو، روهڙائي وغيره هن ڏس ۾ سنڌ جي هڪ ذاهي حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ پاران ذنل زرين خيالات پيش ڪجن ٿا:

ڏسجي ٿو تہ سنڌ جي لاءِ ۾ سِري ٻولين ۾ وڏو فرق آهي. ايتري قدر جو صد، بلڪ هزارها لفظ لاڙ واري حصي جا اهڙا آهن. جي سِري جا ماڻهو ٻنهہ سمجهي ڪين سگهندا آهن. اهڙي طرح سِري جي ٻوليءَ ۾ بہ ڪيئي اهڙا لفظ آهن جي لاڙ جا ماڻهو مشڪل سمجهندا آهن. انهيءَ ڪانسواءِ ٿر ۽ ڍٽ جي ٻولي وچان ٿي نرالي آهي. شاهہ ڀٽائي جي ڪلام ۾ ڏسجي ٿو تہ سڀڪنهن قسم جي سنڌي ڪم آندل آهي. لاڙ جي سنڌي ڪجهہ مڙوئي سرس ورنايل آهي. جيتوڻيڪ لاڙ ۽ سِري جي ٻوليءَ جا خاص خاص لفظ ڏاڍا وڻندڙ ۽ پيارا آهن. ٻر آهي پنهنجي حد ۾ ٿي ڪم اچن ٿا، لاڙ جا سِري ۾ ۽ سِري جا لاڙ ۾ ڪم ٿا اچن. ڳالهائڻ توڙي لکڻ

۾. سنڌ جي انهن ٻنهي هنڌن کان سواءِ ٽيون هنڌ آهي. سنڌ جو وچولو. سنڌ جي وچولي جي ٻولي وڌيڪ وزنائتي آهي ۽ زياده فصيح آهي. وچولي جي ٻولي. لاڙ ۽ سري جي ٻولين مان سڌريل صورت ۾ بڻيل آهي. وچولي ٻولي لاڙ ۽ سري ۾ ٻنهي آساني سان سمجهي سگهجي ٿي. ۽ اها ئي علمي ادبي ٻولي سمجهي وڃي ٿي. اڪثر ڪتاب ۽ اخبارون ان ئي ٻولي ۾ لکيون وڃن ٿيون. تعليمي ڪتاب تہ خاص طرح وچولي ٻوليءَ ۾ لکيا ويا آهن ۽ لکيا وڃن ٿا. وچولي سنڌ جون حدون طول (ڊيگهہ) ۾ گهٽو ڪري لاڙڪاڻو ۽ ان جي آسپاس کان وٺي حيدرآباد ۽ ان جي ويجهو بسگردائي تائين آهن. عرض (موڪر) ۾ درياءَ جو اولهہ پاسو جبل کان سواءِ ۽ درياءَ جي اوڀرين ڀر ساحتي پرڳڻو سڄو. انهن حدن کان سواءِ اتر پاسو. ٻوليءَ جي ڪري "سرو" چئبو ۽ ڏکڻ پاسو "لاڙ". (19)

اترادي لهجي جي ننڍي محاوري "مانيلي اباوڙي جي ٻوليءَ جي باري ۾ ڪتاب لکندڙ پروفيسر شيخ محمد فاضل اترادي ٻوليءَ جي اهميت کي واضح ڪندي لکيو آهي:

اترادي محاوري جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ محاورو لغت جي اعتبار کان وڌيڪ شاهوڪار ۽ گرامر جي قاعدن قانونن جي بي مثال پختگيءَ جو حامل آهي. هن محاوري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻين محاورن جي ڀيٽ ۾ نهايت قيمتي مواد موجود آهي. جنهن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي تاريخ معلوم ڪرڻ جا گهڻا موقعا ميسر ٿي سگهن ٿا. (20)

اترادي محاورو سنڌ جي اترين علائقي خاص ڪري خيرپور. سکر. شڪارپور. لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ ملي ٿو. اترادي محاوري تي سرائڪي براهوي ۽ بلوچي زبانن جو اثر نظر اچي ٿو جو تہ اهي ٻوليون ڳالهائڻ وارا ماڻهو هن علائقي ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا ۽ صدين کان اتي رهائش پذير آهن. هن محاوري تي 'اترادي" نالو بہ علائقي جي نسبت سان پيل آهي. (21)

اترادي محاورو / لهجو پنهنجن ڇڙن ۽ واضح آوازن ڪري پنهنجي انفراديت قائم ڪري چڪو آهي. ساڳئي وقت ٻوليءَ جي ميناج ڪري ٻن هيءَ لهجو نهايت وڻندڙ ۽ دلڪش آهي. ننڍو محاورو شڪارپوري تہ خاص طور پنهنجي

مخصوص لانيڊ ۽ ترنم سان ادائگيءَ وارن اچارن جي ڪري مشهور آهي. بوبڻي هيراننداڻي نندي ڪنڊ جي مشهور ماهر لسانيات سنيتي ڪمار چٽرجي جي حوالي سان لکي ٿي؛

"In the oldest form of Indo Aryan perserved in the Rig and other Vedas and in Brahmans, pitch or musical accent was predominant." (S. K. Chatterjee, Origin and Development of Bengali):

اهو جوڻ سنڌ جي شڪارپوري ٻوليءَ سان لڳائي ڏسو: جتي ماتا ٻنهنجي لال کي چوندي آهي ته "ٻنيڙا! اج ته نول ڪا وايانء نه ني ي" اتر سنڌ جي ٻولين ۾ لفظن جو اچار اٿين سُر سان ڪيو ويندو هو. (22)

شڪارپور جي ٻوليءَ لاءِ ٻيرومل لکي ٿو:

ٻولي ته شڪارپور جي، جهڙي آهي سيڪ ۽ سوادي تهڙي آهي مٺي ۽ رسيلي. واه جو منجهس ميناج آهي! انهيءَ ٻوليءَ سان سنڌ جي ٻئي ڪهڙي به هنڌ جي ٻولي ميناج ۾ مٽ پئجي ڪين سگهندي. ٻين هنڌن جي ٻوليءَ کان شڪارپور جي ٻولي جنهن سبب ڪري رس چس ۾ سرس آهي، سو سبب مثال ڏئي سمجهائجي ٿو. شڪارپوري چون "ٻايڙا هتڙي ويهه" هتي "ويهه" جي پڇاڙي ۾ (ــَ) يعني "اَ" جو اچار آهي. شڪارپوري انهيءَ تي زور ڏئي ان جو اچار اهڙي طرح ڏگهو ڪن ٿا. جو ڄڻڪ فقط اچار آهي "ويهه+ اَ". اٿين اچار کي برابر ڏگهو ڪن ٿا.

هڪ مثال ڏجي ٿو؛ ٻين هنڌ چون "اٿ نه. هل نه" ۾ شڪارپوري چون "اٿ ني. هل ني" هتي ٻنهه ٻڌرو آهي ته "نه" جي ننڍڙي اچار کي وڌائي "ني" ڪن ٿا. جنهنڪري اهو اچار بلڪل جُنو ٿيو پوي. پر ساڳئي وقت سر سان اچاريو ٿا تنهنڪري سندن ڳالهائڻ مٺو ٻيو لڳي. (23)

اترادي لهجي جي تفصيل سان لساني جنڊ جاچ ڪا نه ڪئي وئي آهي. مختلف عالمن پنهنجي ڪتابن ۾ هن لهجي تي راءِ زني ڪئي آهي. نه صرف اترادي نجي نر سنڌي ٻولي جي ٻين لهجن جي باري ۾ ٻڻ ڏار ڏار لساني جاگرافي جي اصولن تحت ڪو باقاعده، پروجيڪٽ تيار ڪري نقشن جارٽن سميت ڪو به وڏو ڪم ڪو نه ٿيو آهي. جنهن جي اڄ جي دور ۾ تمام گهڻي اهميت ۽ ضرورت

آهي. نامور ماهر لسانيات ڊاڪٽر خوبچنداڻي لکي ٿو،

Sindhi Linguistics is still in its infancy as far as dialect study is concerned.

... No. serious study has been made of any dialect of Sindhi, except Kacchi. Theoritical problems of dialectology have not yet attracted the attention of sindhi scholars. (24)

اترادي لهجو. سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم لهجو آهي. جيڪو اپر سنڌ جي هڪ وسيع علائقي ۾ ڦهليو پيو وڃي. جنهن جا اثرات سنڌ کان ٻاهر پنجاب جي ماڇڪي علائقي ۽ بلوچستان جي سبي ۽ ڪيتران علائقن تائين ڦهليل آهن. هيءَ لهجو. سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي جي تمام قريب آهي. ايڏي هڪجهڙائي رکي ٿو جو گريئرسن. هن لهجي کي معياري لهجي جو ئي هڪ روپ سمجهي ٿو.

اترادي لهجي کي سنڌ مان لڏي ويل سنڌي ڳالهائيندڙ هندو ڀارت ۾ به پنهنجي لهجي جي ميناج کي برقرار رکيو وينا آهن. جتي جتي به هو وسيل آهن، اتي هو پنهنجي لهجي، شڪارپوري، لاڙڪاڻائي، حيدرآبادي جي حوالي سان سڃاتا وڃن ٿا. بمبئي جي هڪ شڪارپوري دڪاندار پنهنجي دڪان جي ٻاهران لکرائي ڇڏيو آهي:

" پڳلان ٻينان مانکان نهرائيندا. (25)

هن سٽ ۾ شڪارپور جي مٺڙي ٻوليءَ جو سواد اچي رهيو آهي. هر قافيہ لفظن، 'پڳلان'، 'ٻينان'، 'مانکان'، جو ترنم ڪنن ۾ مٺو مٺو رس اوتي رهيو آهي.

ادبي لحاظ کان به اترادي لهجو تمام گهڻو اهم آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سرموڙ شاعرن قاضي قادن، حضرت سچل سرمست، خوش خير محمد فقير، فقير قادر بخش بيدل، فقير محمد محسن بيڪس، روحل فقير ۽ موجوده دور جا شاعر شيخ اياز، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني ۽ ٻيا سون جي تعداد ۾ شاعري ڪري رهيا آهن. هن سموري ادبي ذخيري ۾ اترادي لهجي جي اهڙي سگهند ۽ هڳاءُ موجود آهي، جيڪا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي من ۾ هڪ پرمسرت ڪيفيت پيدا ڪري ٿي.

حوالا

1- علي نواز جتوئي- علم لسان ۽ سنڌي زبان 1968ع. ص - 187.

2- علي نواز جتوئي- علم لسان ء سنڌي زبان 1968ع. ص - 154 ۽ 155.

3- Bloomfield. L. Language. P- 302.

4- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- شڪاربور جي بولي. 1993ع. ص - 12.

5- ٻوبٽي هيرانندائي- ڀاشا شاستر. 1941ع. ص 41-45.

6- ڊاڪٽر غلام علي الانا- سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي. 1979ع. ص - 198.

7- ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي - سنڌي ٻولي جي تاريخ. 1956ع. ص - 96.

8- شيخ محمد فاضل- ماٺيلي ۽ اباڙي جي ٻولي. 1992ع. ص 14-15.

9- ايضاً. ص 11.

10- ايضاً. ص 11.

11- ايضاً. ص 13.

12- Ernest Trumpp. Grammar of the Sindhi Language. 1872. p. II.

13- G. A. Grierson. Linguistic Survey of India. Vol. VIII. Part. I. p. 139.

14- Ibid. p. 140.

15- Ibid. p. 140.

16- Ibid. p. 140.

17- Ibid. p. 131.

18- Ibid. Vol. I p. 9.

19- حڪيم فتح محمد سيوهاڻي- آفتاب ادب. 1956ع. ص 115-116.

20- شيخ محمد فاضل - "ماٺيلي اباڙي جي ٻولي"، 1992ع. ص - 15.

21- ڊاڪٽر داد محمد بروهي، سبيءَ جي ٻولي. 1992ع. ص 1.

22- ٻوبٽي هيرانندائي، ڀاشا شاستر. 1960ع. ص 229.

23- ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. 1956ع. ص- 99.

24- Khubchandani, Lachhman Current trends in Linguistics -Sindhi. p-209.

25- عمر قاضي. ديسين وٽ پرديس ۾. 1984ع. حيدرآباد سنڌ ص. 94.